لُواريءَ جا لال

هڪ مختصر تعارف



درگاھ عاليہ لواري شريف

مصنف

جوڻيجو سائين بخش قبولائي



در گاهہ شريف
حضرت خواجہ قاضي احمد قريشي قدس سره

لُواريءَ جا لال

هڪ مختصر تعارف

مصنف

جوٽيجو سائين بخش قبولائي

پارا ن:

حضرت سلطان الاولياءَ قدس سره اڪيڊمي ڏوڪري

ضلع لاڙڪاڻو

حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب نمبر (9)

ڪتاب جو نالو: ٻوليءَ جا لال - هڪ مختصر تعارف
مصنف: جوڻيجو سائين بخش قبولائي
ناشر: پير بخش جوڻيجو
ڇاپو پهريون: 9 جون 2019ع
ڪمپوزنگ: محمد صديق جوڻيجو
ڇپيندڙ: پيڪاڪ پرنٽرس، ڪراچي

ملڻ جا هنڌ

حضرت سلطان الاولياءَ قدس سره اڪيڊمي ڏوڪري
ضلع لاڙڪاڻو
رابطي لاءِ: 03332631361 - 03443309323

پيرَ چئجي تنهن کي، جنهن سڀ ريءَ سري،
پر گهر پير نہ وجهڻو، گهران ٻہ ڪين گهري،
جو مانيءَ ڪاڻ مري، سو سامي گر نہ سامهون.

[حضرت سلطان الاولياء قدس سره]

بسم الله الرَّحمٰن الرَّحيم

(1)

حضرت سلطان الاولياءُ خواجه محمد زمان قدس سره

سنڌ جي عظيم عارف ۽ درگاهه لواري شريف جي باني حضرت سلطان الاولياءُ خواجه محمد زمان قدس سره جن جي ولادت باسعادت 21 رمضان المبارڪ 1125هه / 1713ع تي پراڻي لُواري شريف ۾ حضرت شيخ حاجي عبداللطيف قدس سره جي گهر ۾ ٿي. سندن سلسلهٔ نسب ايڪٽيهين پيڙهيءَ ۾ پهرين خليفي حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضہ سان وڃي ملي ٿو. 'لطيفة التحقيق' جي روايت موجب سندن وڏا عباسي خليفن جي دؤر ۾ عربستان کان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيا ۽ ٺٽي جي پرسان سڪونت اختيار ڪيائون. روايتن ۾ اچي ٿو ته سومرن جي آخري دؤر ۾ حالتن جي ناسازگار هجڻ سبب هي بزرگ سنڌ ڇڏي ڪڇ طرف هجرت ڪري ويا، پوءِ اُن خاندان مان شيخ عبداللطيف وڏو سال 910هه/ 1504ع ڌاري موٽي سنڌ ۾ آيو.

حضرت سلطان الاولياءُ قدس سره جن ابتدائي تعليم پنهنجي والد بزرگوار وٽان حاصل ڪئي ۽ سندن ئي نظرداري هيٺ قرآن شريف پڙهي پورو ڪيائون. وڌيڪ تعليم ٺٽي جي نامياري عالم شيخ محمد صادق نقشبندي جن کان حاصل ڪيائون، جيڪو پنهنجي وقت جو هڪ وڏو عالم فاضل شخص هو ۽ مخدوم آدم نقشبندي قدس سره جي پٽ

مخدوم محمد اشرف جو نياڻو هو. اهو ساڳيو محمد صادق نقشبندي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو پڻ وڏو معتقد هو.

حضرت سلطان الاولياء قدس سره جن نٿي ۾ حضرت شيخ محمد المعروف خواجہ ابوالمساڪين قدس سره جيڪو مخدوم آدم نقشبندي قدس سره جن جو پوٽو ۽ سنڌ ۾ نقشبندي طريقي جو اڳواڻ هو، ان جي بابرڪت صحبت هيٺ نقشبندي طريقي ۾ داخل ٿيا. ڇهن مهينن جي مختصر عرصي ۾ خواجہ ابوالمساڪين قدس سره جن حضرت سلطان الاولياء قدس سره جن کي پنهنجي خانداني مسند ۽ روحاني امانت حوالي ڪري پاڻ مڪي شريف ڏانهن هجرت ڪري ويا، جتي 9 ذوالحج 1149هہ تي وصال ڪيائون ۽ "جنت المعليٰ" ۾ حضرت بيبي خديجة الڪبريٰ رضہ جي مقبري آڏو دروازي جي پرسان آرامي ٿيا.

ڇئي نٽو سگهجي تہ خواجہ ابوالمساڪين قدس سره جي حرمين شريفين مستقل هجرت کان پوءِ حضرت سلطان الاولياء قدس سره جن نٿي ۾ ڪيترو وقت ترسيا، ڇو تہ 'فردوس العارفين' جي روايت موجب نٿي ۾ سندن ڪيترا حاسد پيدا ٿي چڪا هئا، جن ۾ نٿي جا ڪي بااثر عالم خلق جي رجوعات ڏسي حسد ڪرڻ لڳا. بهرحال ايترو پڪ سان ڇئي سگهجي ٿو تہ اڃا سندن والد بزرگ حال حيات هو، جو پاڻ نٿو ڇڏي اچي پنهنجو اصلوڪو اباڻو ماڳ لُواري شريف وسايائون، جتي سندن والد بزرگ سن 1149هہ ۾ وصال فرمايو. جنهن کان سنت ئي پوءِ پاڻ ڪجھ فاصلي تي نئون ڳوٺ اچي بڌايائون ۽ اُن جو نالو بہ "لُواري شريف" رکيائون. ياد رهي تہ هيءُ اُهو ماڳ آهي جنهن هنڌ حضرت غوث بهاءالدين زڪريا ملتاني قدس سره جن اِلاهي نور وڏڦڙي مينهن وانگر وسندي ڏٺو ۽ پاڻ ادب وچان گهوڙي تان لهي جُتي لاهي پاپيادو

تي هليو هوءِ چيائين تہ "انهيءَ هنڌ ڪنهن ڪامل اولياءَ جي مزار شريف ٿيندي." هن نئين لُواري شريف کي آباد ڪرڻ جو سال 1150هہ / 1737ع آهي.

لُواري شريف ۾ رهائش دوران پاڻ اڪثر استغراق ۽ محويت، مجاهدي ۽ مراقبي جي ڪيفيت ۾ رهندا هئا. اهوئي زمانو هو جڏهن خلق جي رجوعات ۾ پڻ اضافو ٿيو ۽ سندن ناماچاري سنڌ هند کان ٻاهر عرب وعجم تائين پهتي.

مير علي شير قانع سنڌ جو مشهور مؤرخ ۽ سندن همعصر پنهنجي مشهور تصنيف 'تحفة الڪرام' ۾ لکي ٿو: "ميان محمد زمان اڄ ڪلهہ جو مرشد ۽ ميان ابوالقاسم ۽ ميان محمد نقشبندي (خواجہ ابوالمساڪين) جي مريدن مان آهي ڏاڍو هدايت وارو آهي. نقشبندي سلسلي جي مريدن جو مرجع ۽ وڏين ڪرامتن جو صاحب آهي. هن وقت بدين جي ويجهو لُواري (شريف) جي ڳوٺ ۾ رهي ٿو، هڪ دنيا کي فيض جي درياهہ مان سيراب ڪري رهيو آهي. گهڻن ماڻهن جو اعتقاد آهي تہ هن وقت سندن وجود بينظير آهي. ڪنهن بہ پيدائش نہ هوندي، وٽس عام مهمان خانو هلي ٿو. عجب هي آهي تہ هڪ ٽولو حقيقت کي سمجهڻ کان سواءِ رڳو ظاهر تي مٿس طعنہ زني ۾ مشغول آهي. هنن ڏينهن ۾ الاهيءَ قضا کي پهتو آهي يعني سنہ 1188هہ جي پڇاڙيءَ ۾ سندن وصال ٿيو."

جيئن مير علي شير قانع لکيو آهي تيئن لُواري شريف ۾ اقامت کان پوءِ سائين سلطان الاولياء قدس سره جي روحاني فيض جو هوڪو گهڻو ڦهلجي ويو. انهيءَ زماني ۾ سندن جهڙو ارشاد جو صاحب سنڌ ۾ ڪونہ هو، گهڻي ئي بزرگ سندن خدمت ۾ فيض جي طلب لاءِ حاضر ٿيا.

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي جي لکڻ موجب سنڌ جو حاڪم ميان غلام شاهہ ڪلهوڙو جيڪو 1170هہ ۾

سنڌ جو حڪمران ٿيو ۽ اڳي ئي اهڙن برگزيده شخصيتن جو قدردان هو، سو پڻ سندن ڏانهن متوجهه ٿيو ۽ کين جاگير ڏيڻ جي آڇ ڪيائين جيڪا پاڻ قبول نه ڪيائون. ميان غلام شاهه جي 1186هه ۾ وفات کان پوءِ سندس پٽ ميان سرفراز به وڏي عقيدت ظاهر ڪئي جو سنڌ جي حڪمراني حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ دفعو سندن دعا جو طلبگار ٿيو هو. خليفو محمود فقير نظاماڻي ڪڙيي گهنور وارو پنهنجي ڪتاب "ملفوظات شريف" ۾ لکي ٿو ته حضرت پير سائين پير محمد راشد المعروف روضي ڌڻي رحه جن کان روايت آهي ته منهنجي والد بزرگ ميان سيد محمد بقا شاهه المعروف پٽ ڌڻي رحه جن فرمايو ته "اسين خواجه محمد زمان لُواري (شريف) واري وٽ ويا هئاسون ۽ ڏٺوسون ته پاڻ پنهنجي وقت جا 'غوث' هئا."

مشهور روايت مُوجب حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي قدس سره هڪ دفعي لُواري شريف آيو، جتي حضرت سلطان الاولياء قدس سره جن سان ملاقات ڪيائين. ان روح رهاڻ جو ذڪر ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي پنهنجي ڪتابن ۾ هن ريت ڪيو آهي: هڪ لڱا ڀٽ ڌڻي سهي سنيري خواجه صاحب جن جي چار چشميءَ لاءِ لُواري شريف ۾ آيو. جڏهن حجري جي دروازي وٽ پهتو، تڏهن هڪڙي خادم کي ڏياري موڪليائين ته اندر وڃڻ جي اجازت وٺي اچي. خادم وڃي خبر ڪئي. خواجه صاحب جن فرمايو ته "شاهه صاحب کي وڃي چئو ته ٿورو ترسو، اسين پاڻ اوهان جي استقبال لاءِ ٿا اچون." شاهه صاحب پڇيو ته، "خواجه صاحب ڪهڙي ڪم ۾ هئا؟" جواب ڏنائين ته "مراقبي ۾ ويٺا هئا" شاهه صاحب تنهن تي فرمايو ته "انهيءَ مشغوليءَ مان ڪڏهن پالها ٿيندا جو اسان ڏانهن توجهه ڪندا؟ اُتي ته اندر

هلون." جڏهن شاهہ صاحب وٽن آيو، تڏهن وٽي هي بيت چيائين:

سامي سفر هليا، ڪو پروڙي پنڌ،
جن هيئاهون ڪنڌ، آئون نہ جيئندي اُن ري.
خواجہ صاحب جن ان پہ جواب ڏنو تہ:
ڪين آهين، ڪين ٿئين، وڃي ڪين ڪماءِ،
لاڳاپا لوڪ جا "لا" سين سڀ لهراءِ،
سامي پو سلنداءِ، ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي.
انهيءَ تي شاهہ صاحب فرمايو تہ:
قلم وهي وبو ڪانهن، سرتيون! ڪنهن سهاڳ لئہ،
انگ اڳيئي لڪئو، ات نہ پهچي ٻانهن،
ڪنهن کي ڏيان ڏانهن، تہ پرينءَ مان سين هيئنءَ ڪيو؟
خواجہ صاحب وراڻيو تہ:
ويهہ وڃي وٽ تن، قلم جنين جي هٿ ۾،
ميٽيو انگ اڳيون، واري ٻيو لکن،
پنو سو پاڙهين، جنهن مان پسين پرينءَ کي.

انهيءَ بيت بازيءَ بعد شاهہ صاحب پڇيو تہ "فنا کان پوءِ بہ ڪو علم آهي؟" پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ "فنا کان اڳ آهي بہ ڇا؟" هي سُخن ٻُڌي شاهہ صاحب عرض ڪيو تہ "ارادو اٿم تہ اوهان جو مريد ٿيان." پاڻ وراڻي ڏنائون تہ "سماع ۽ ڳانو اسان جي طريقت ۾ سواءِ ڪن مشروع موقعن جي منع ٿيل ۽ حرام آهي". تنهن تي شاهہ چيو تہ، "ساري ڄمار سماع ۽ سرود ۾ صرف ڪئي اٿم، هينئر انهن کي ترڪ ڪرڻ مون لاءِ محال آهي." پوءِ هڪ ٻئي سان ڪجھ وقت رهاڻ ڪيائون. جڏهن شاهہ صاحب موڪلايو، تڏهن ڪيس خليفت جي چادر (اجرڪ) اوڍيائون. چون ٿا تہ شاهہ صاحب وفات مهل وصيت ڪئي تہ "هي چادر مون کي ڪفن ۾ ڏجو." پوءِ اها چادر ڪفن جي مٿان

وڏائون ۾ دفن بعد وري سندس قبر شريف تي پڙ ڪري چاڙهيائون. زيارت ڪري وڃڻ کان پوءِ شاهه صاحب هميشه خواجه صاحب جي شان ۾ هي بيت پڙهندو هو:

سي مون ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نه سگهان ڳالهڙي.

جڏهن شاهه صاحب موڪلائي روانو ٿيو، تڏهن خواجه صاحب فرمايو ته "اسان جي صحبت اختيار ڪيائين، مگر همت نه ٿيس جو اسان جي طريقت ۾ داخل ٿئي. جي ٿئي ها ته اهڙي عميق ۾ ٽپيون ڏياريونس ها جو پنهنجي نام ۽ نشان جو به پتو ڪونه پويس ها." تنهن تي هڪڙي فقير سيد صاحب جي روحاني منزل بابت پُڇا ڪئي. پاڻ فرمايائون ته "هو به اوهان وانگر صاحب دل آهي." پوءِ فنا جي مفصل سمجهاڻي ڏيئي هي بيت چيائون:

جيئن ءَ چِتون کي خزران، تيئن مون پاڙو سُپرين،
هن وڃائي جان، مون نشان ئي نه ليي.

[خزران هڪ ولايت آهي جنهن ۾ چِتون گذاري نٿو سگهي. بيت جو مطلب ته جيئن طوطو خزران جي ولايت ۾ نابود ٿئي ٿو، تيئن محبوب الاهي جو قرب به مون کي فنا ڪيو ڇڏي.]

'فردوس العارفين' جي روايت موجب خواجه صاحب عمر جي پوين سالن ۾ بيمار رهڻ لڳا. ايتري قدر جو چوڻ لڳا ته هاڻي اسان جي وصال جو وقت اچي ويو آهي. انهن ڏهاڙن ۾ ڪڏهن ڪڏهن هي بيت سندن زبان مبارڪ تي هوندو هو:

اوڏڻ اوڏي آءُ، توکي لاڪي ڪونئو،
تان لهي تو متاءُ، سندو مِتيءَ مامرو.

آخر پاڻ ٽيهٺ ورهين جي عمر مبارڪ ۾ چوٿين ذوالقعد 1188هه / 1775ع تي ڇنڇر جي ڏينهن هن فاني دنيا کي ڇڏي

دارالبقا ڏي راهي ٿيا. حضرت جن جو ڏهاڙو مبارڪ درگاهه عاليه لُواري شريف جا عقيدتمند ۽ مريد هر مهيني چنڊ جي چوٿين تاريخ رات ۽ ڏينهن وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائيندا آهن ۽ کين "روضي وارا بادشاهه" جي لقب سان سڏيندا آهن.

سندن وصال مبارڪ تي ڪيترن ئي شاعرن ۽ عقيدتمندن تاريخون لکيون آهن، جن مان ڪجهه هي آهن:

بوقت چاشت چهارم ماه ذي قعد
ازين دار فاني شد انتقالش
ندائي 'خلوت ما با حق' آمده = 1188هه

'ورضي له قولاً' = 1188هه
'محمد زمان شيخ قطب الله' = 1188هه

حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان قدس سره جن جا فيض يافته مريد ۽ خاص خليفا گهڻا ئي آهن، پر انهن مان هيٺيان گهڻو مشهور آهن:

1. شيخ حاجي قاضي احمد قريشي دمائي رحه
2. شيخ عبدالرحيم گرهوڙي رحه
3. شيخ حاجي ابوطالب اگهمي رحه
4. شيخ حاجي محمد صالح ڪڙائي رحه
5. شيخ حافظ هدايت الله رحه
6. مخدوم غلام محمد بگائي رحه
7. مخدوم محمد يوسف بگائي رحه
8. سيد محمد وفا شاهه لکوي رحه
9. سيد پير محمد شاهه لکوي رحه
10. خواجه محمد عيسيٰ دشتي چيل بند رحه
11. خواجه سڏاتوره خدادادي رحه

12. خواجه علي محمد مجذوب عمرڪوٽي رحه
13. مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي رحه
14. مخدوم عبدالله نرئي وارو رحه
15. مخدوم ابوالحسن صغير ٺٽوي رحه
16. ميان بنگو فقير گوپانگ ڏيري وارو رحه وغيره

جن جو تفصيلوار احوال 'فردوس العارفين'، 'جواهر البدائع'، 'مرغوب الاحباب'، 'آئينه الاولياء' ۽ 'سچڻ ڏٺو جن' ڪتابن ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

(2)

حضرت محبوب الصمد خواجه گل محمد قدس سره

حضرت سلطان الاولياء قدس سره جن جي وصال مبارڪ کان پوءِ سندن فرزند حضرت خواجه گل محمد قدس سره لقب "محبوب الصمد" جن گادي نشين ٿيا. جن جي عمر ان وقت فقط يارهن سال هئي. سندن ولادت 11 ربيع الاول 1177هه / 1763ع تي ٿي. سڀ کان پهريائين شيخ عبدالرحيم گرهوڙيءَ سندن بيعت ڪئي، بلڪ ان کان پوءِ هو پورو سال سندن خدمت ۾ ترسي پيو. غالباً انهيءَ عرصي دوران گرهوڙي صاحب 'شرح ابيات سنڌي'، 'فتح الفضل' ۽ پنهنجي نئين مرشد خواجه گل محمد سائين جي شان ۾ فارسي نظم 'گل نما' لکيو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي تحقيق مطابق اهو ڪتاب 'ڪل نما' آهي، ڇاڪاڻ ته ان مثنويءَ ۾ لفظ ڪُل ڪيترا ڀيرا آيو آهي. پر ڊاڪٽر دائود پوٽي 'گل نما" لکيو آهي. هن مثنويءَ جي هڪ بند ۾ پنهنجي مرشد سائين خواجه گل محمد قدس سره جو نالو مبارڪ هن ريت آڻي ٿو:

گل محمد در منازلها تمام

غير بلبل اين چہ داند خاص و عام

[خواجہ گل محمد قدس سره جن سيئي (روحاني) منزلون پوريون ڪيون آهن، پر بُلبل کان سواءِ هن ڳالهہ کي ٻيو عام خاص ڄاڻي نہ سگھندو.]

حضرت خواجہ گل محمد قدس سره جن ستاويهين ربيع الآخر 1218هہ /1803ع تي وصال فرمايو. سندن وصال مبارڪ تي ڪيترن ئي شاعرن قطعہ تاريخ لکيا آهن، جن مان هڪ هي آهي:

"گل محمد 'چراغ وهاب' است" = 1218هہ

خواجہ گل محمد قدس سره جي تصنيفن ۾ 'وِردِ محمدي' نالي فارسيءَ ۾، "شرح فتح الفضل" ۽ "شرح چهل حديث" موجود آهن. پاڻ لُواري شريف ۾ ذڪر الاهي لاءِ هڪ خانقاهہ شريف تعمير ڪرايائون، جنهن ڪري ڪين عقيدتمند ۽ مريد "خانقاهہ وارا بادشاهہ" سڏيندا آهن.

(3)

حضرت غوث عالم خواجہ محمد زمان ثاني قدس سره

خواجہ گل محمد قدس سره کان بعد سندن فرزند خواجہ محمد زمان ثاني قدس سره لقب "غوثِ عالم" جن جانشين ٿيا. سندن ولادت رمضان المبارڪ 1199هہ / 1785ع ۾ ٿي. پاڻ ٻہ حج ڪيائون، پهريون دفعو سال 1228هہ / 1813ع ۽ ٻيو دفعو 1238هہ / 1822ع ۾. پهرين دفعي جڏهن يمن ۾ 'مخه بندر' تي لٿا تہ شيخ محمد عابد سيوهاڻي سنڌي مدني جيڪو حديث جو وڏو عالم هو، تنهن نہ رڳو سندن استقبال ڪيو پر وڏي شوق سان سندن مريد ٿيو. اهو چوندو هو تہ "آئون پنهنجي ساري عمر ۾ گهڻائي ملڪ گهميس ۽ بزرگن سان مليس، مگر

منهنجي اکين خواجه محمد زمان قدس سره جن جهڙو ڪو وليءَ ۽ اهل الله نه ڏٺو ۽ نه ٻُڌو. "سندس تصنيف 'طوالع الانوار' چاليهن جلدن تي مشتمل آهي. شيخ محمد عابد هڪ دفعو لُواري شريف آيو هو ۽ حضرت سلطان الاولياء جي پنجهٺ ارشادات جي عربيءَ ۾ شرح 'ڪلمات قدسيه' جي نالي سان پڻ لکيائين. جيڪو ڪتاب 'معارفِ سلطان الاولياء' ۾ فتح الفضل سان گڏ 2018ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو آهي. حضرت غوث عالم قدس سره جن جو وصال مبارڪ سترهين صفر المظفر 1247ھ / 1831ع تي ٿيو. سندن وصال مبارڪ جو سال هن بيت جي آخري فقري مان نڪري ٿو:

جستم از دل چو سال تاريخش
گفت هاتف 'برب خلوت او'=1247ھ

مير نظر علي بلوچ سندن مفصل احوال ڪتاب 'مرغوب الاحباب' ۾ درج ڪيو آهي. پاڻ لُواري شريف ۾ افغاني لُٽيرن ۽ ڦورن کان بچاءَ خاطر ڪوٽ تعمير ڪرايو هئائون، جنهن ڪري مريد کين "ڪوٽ وارا بادشاه " جي لقب سان سڏيندا آهن.

(4)

حضرت شاه مدني خواجه محمد حسن قدس سره

حضرت خواجه محمد زمان ثاني قدس سره کان پوءِ سندن فرزند خواجه محمد حسن لقب 'شاه مدني' گادي نشين ٿيا. سندن ولادت 5 محرم 1235ھ / 1819ع تي ٿي. پاڻ پنهنجي زندگي مبارڪ ۾ ڪل ڇهه حج ڪيائون، جن جو مفصل احوال ڪتاب 'صقال الضمائر' ۾ موجود آهي. آخري حج جي ادائگيءَ بعد مديني منوره ۾ ستين صفر المظفر 1298ھ / 1881ع

تي سندن وصال مبارڪ ٿيو ۽ پاڻ "جنت البقيع" ۾ قبہ اهل بيت جي پرسان مشهور بزرگ خواجہ محمد پارسا ۽ امام مالڪ رضہ جي پير ۾ آرامي ٿيا. سندن وصال مبارڪ تي مخدوم ابراهيم خليل ٺٽوي قطعہ تاريخ چيا آهن جن مان هڪ بيت هيٺين ريت آهي:

دم بسال وصالش بگفت بمن رسول
کہ خوان بپيش محمد حسن بخلد قبول = 1298هہ

حضرت جن جي مريدن ۾ سنڌ جو مشهور عوامي شاعر حمل فقير لغاري ۽ قرآن پاڪ جو پهريون سنڌي مترجم مخدوم قاضي عزيزالله مٽياري وارو گهڻا مشهور آهن.

(5)

حضرت امام الاولياءِ خواجہ محمد سعيد قدس سره

حضرت خواجہ محمد حسن قدس سره جن ڪان پوءِ سندن فرزند خواجہ محمد سعيد قدس سره لقب "مڪي وارا شاهہ" جانشين ٿيا، سندن ولادت 4 محرم 1264هہ / 1847ع تي ٿي. پاڻ پنهنجي دور جا قادر الڪلام شاعر هئا، سندن تصنيفات ۾ 'صقال الضمائر'، 'فيوضاة اللّوارية' ۽ 'ديوان سعيد' ڪان علاوه ٻيا ننڍا وڏا ڪيترائي ڪتاب، رسالہ ۽ فتوائون شامل آهن.

حضرت جن پنهنجي دور جا وڏا عارف، عالم ۽ روحاني شخصيت جا مالڪ هئا. اسلامي تصوف جي بنيادي تصنيفات خاص طور تي شيخ ابن عربي ۽ مثنوي مولانا روميءَ سان ڪين وڏو انس ۽ چاهہ هو. پاڻ پنهنجي والد صاحب جي فرمائش تي مثنوي روميءَ جي ابتدائي بيتن جي تشريح ۽ تتبع تي شعر لکيائون. سندن شاعريءَ ۾ عشق رسول ﷺ خاص موضوع آهي. پاڻ ڪل ڇهہ حج ڪيائون، جن

مان ٿي پنهنجي والد صاحب سان گڏجي ڪيائون. پاڻ "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچيءَ جي تعمير ۾ مرحوم حسن علي آفندي سان تمام گهڻو مالي سهڪار ڪيائون. آخري حج تي اهل عيال سميت 1323هه ۾ روانا ٿيا. جتي 2 محرم الحرام 1324هه / 1906ع تي مڪي شريف ۾ وصال مبارڪ ڪيائون ۽ اتي ئي "جنت المعليٰ" ۾ حضرت عبدالرحمٰن بن سيدنا ابوبڪر صديق رضہ جي پرسان آرامي ٿيا. سندن وصال مبارڪ تي قاضي ابوالحسن مٽياروي قطعہ تاريخ لکيو آهي، جنهن جو هڪ بيت هي آهي:

چون بہ پرسيدم ز هاتف سال آن فياض جهان
گفت شد 'جنت المعليٰ منزل صحبِ يقين'=1324هه

(6)

حضرت امام العارفين خواجہ احمد زمان قدس سره

حضرت خواجہ محمد سعيد قدس سره جي وصال مبارڪ کان پوءِ حضرت خواجہ احمد زمان قدس سره جن سندن جانشين ٿيا. سندن ولادت 16 ذوالحج 1297هه / 1880ع تي ٿي. پاڻ ٿي حج مبارڪ ڪيائون ۽ سال 1906ع ۾ سندن پهرين دستار بندي ڪعبۃ الله شريف جي سايہ ۾ مڪي شريف ۾ ٿي، جنهن کان پوءِ پاڻ پنهنجي وطن سنڌ آيا ۽ درگاهہ لُواري شريف جي دستور موجب خانقاهہ شريف ۾ اِرشاد جي مسند تي جلوه افروز ٿي، وڌن واري دستار مبارڪ پاتائون. سندن دور ۾ درگاهہ عاليہ لُواري شريف جي قديمي جهنڊي 'ڪل' جو جماعت جي نشان طور رواج پيو ۽ پاڻ ڪل بني آدم کي لواءِ الڪُل جي جهنڊي هيٺ اچي صراط المستقيم ۽ امن حاصل ڪرڻ جي دعوت ڏنائون. سندن ڏينهن ۾ 'اجتماع لُواري'

جيڪو حضرت سلطان الاولياء قدس سره جن جي دور کان حضرت خواجہ ابوالمساڪين شيخ محمد ٺٽوي قدس سره جن جو عرس مبارڪ ملهايو ويندو هو ۽ اُن ۾ حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي وار مبارڪ جي زيارت ڪرائي ويندي هئي، جنهن کي مخالف ڪانگريسي مولوين 'حج لُواري' جو نالو ڏئي ڪوڙا الزام ۽ بُهتان هڻي متنازع مسئلو ڪڙو ڪيو ۽ پهريون ڀيرو 1939ع ۾ ڪانگريسي حڪومت سياسي بنيادن تي لُواري شريف واري اجتماع تي ناجائز بندش وجهي ڇڏي. جيڪا هر سال 9- 10 ذوالحج جي عرس مبارڪ جي موقعي تي نمازءِ قرآن خوانيءَ تي پابندي لڳائي وجي ٿي.

حضرت جن اٽڪل اٺ سال 1341هہ کان 1349هہ تائين پنجاب جي شهر امرتسر ۾ تبليغ خاطر قيام ڪيو. سنڌ جو مشهور مصنف پير علي محمد راشدي مرحوم پنهنجي تصنيف، 'اُهي ڏينهن، اُهي شينهن' ۾ لکي ٿو تہ:

"ڪڏهن ڪنهن مصور کي انسانيت ڪبريٰ جي تصوير ڪشي ڪرڻي پيئي تہ سائين احمدزمان رحہ جي صورت ئي سامهون رکڻي پوندس، جنهن جي ڏسڻ سان روح کي راحت ۽ قلب کي قرار حاصل پئي ٿيو. الله تعاليٰ جي پيارن جي پڇاڻ (سڃاڻ) ئي اها ٿئي ٿي، ڪين ڏسندي ڏک ڏور ۽ درد دفع ٿيو وڃن. پير سائين احمدزمان رحہ جي شخصيت بلڪل نياري هئي، پنهنجي دور جي وڏن علمائن ۽ عالمن کان مٿاهين مقام جو مالڪ هو. ساڻس ٿوري گهڻي گفتگو بعد ائين محسوس ڪندو رهيس تہ علم ۽ آگهي جو اهڙو ڪو ڏاڪو تصور ۾ ڪونہ اچي ٿي سگهيو، جنهن تي اڳواٽ سندس قدم نہ هجي."

حضرت جن 30 جمادي الثاني 1357هہ / 1938ع تي وصال مبارڪ ڪيائون. سندن هر سال پهرين رجب تي عرس مبارڪ

نهايت وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويندو آهي. سندن وصال مبارڪ تي مولانا محمد ابراهيم ڳڙهي ياسين واري قطعہ تاريخ لکيو آهي، جنهن جو آخري شعر هي آهي:

چون سوال آمد ز سال وصل او گفتا دلم
'کرد خالي جامِ محفل حضرت احمد زمان' =1357ھ

(7)

حضرت پير بادشاهہ خواجہ گل حسن قدس سره

حضرت خواجہ احمد زمان قدس سره جن کان پوءِ سندن فرزند حضرت خواجہ گل حسن قدس سره گادي نشين ٿيا. سندن ولادت 13 شعبان 1327ھ / 1909ع تي ٿي. حضرت جن پنهنجي خدا داد ذهني قابليت سان سيئي علم معقولات ۽ منقولات جا حاصل ڪيائون ۽ سيني علمن تي عبور رکندا هئا. سندن حياتي مبارڪ جو مقصد انسان ذات ۽ اسلام جي خدمت ڪرڻ هو. سندن خصوصي توجهات سان جماعت لُواري شريف جي ماڻهن ۾ تعليم جي ترقي ٿي. ڪيترائي يتيم ۽ غريب شاگرد سندن مالي امداد تي پڙهيا. مرحوم پير علي محمد راشدي پنهنجي تاثرات ۾ حضرت پير بادشاهہ لاءِ لکي ٿو تہ،

"پير بادشاهہ سائين گل حسن مرحوم صحيح معنيٰ ۾ پنهنجي زماني جو پير بہ هو. بادشاهہ بہ هو. پير ان ڳالهہ سان تہ هو هڪ اهڙيءَ درگاهہ جو سجاده نشين هو. جنهن جي اڳيان جڳ پي ڍريو. بادشاهہ ان لحاظ سان تہ سندس خصلتون ۽ خوبيون شاهانہ هيون. مون گهڻائي پير ڏٺا. خدا رسيده بہ ۽ ٺالهہ چٽو بہ. پر سائين گل حسن جي پايہ جو درويش ۽ جامع الصفات پير مون ڪو ورلي ڏٺو."

حضرت پير بادشاهہ قدس سره جن کي ڪو بہ نرينو اولاد

نہ ٿيو. ان ڪري پاڻ پنهنجي وصال مبارڪ کان 4 سال اڳ 22 جون 1978ع تي درگاهہ عاليہ لُواري شريف جي سنيال ۽ جماعت جي رهنمائي ۽ رهبريءَ لاءِ پنهنجي خليفي مجاز حضرت خواجہ پير حاجي فيض محمد قريشي نقشبندي قدس سره جن کي سجاده نشين مقرر ڪري ويا. پاڻ 75 سالن جي ڄمار ۾ تاريخ 27 ذوالقعد 1402ھ / 1982ع تي وصال مبارڪ فرمايائون. هر سال ستاويهين ذوالقعد تي سندن عرس مبارڪ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويندو آهي. سندن وصال مبارڪ تي درويش محمد آدم اسحاقاني قطعہ تاريخ لکيو آهي، جنهن جو هڪ شعر هي آهي:

غيب سي القا هوا سال وصال

'شاه لوري مشکل کشا صاحبِ لوا'= 1402ھ

(8)

حضرت راحمي بادشاهہ پير حاجي فيض محمد قريشي قدس سره

حضرت پير بادشاهہ خواجہ گل حسن قدس سره جي وصال مبارڪ بعد سندن وصيت پاڪ موجب حضرت پير حاجي فيض محمد قريشي قدس سره جن درگاهہ عاليہ لُواري شريف جا اڻان سجاده نشين ٿيا. سندن ولادت مبارڪ 14 شعبان 1348ھ / 1930ع تي ٿي. جيئن تہ سندن جدامجد حضرت خواجہ قاضي احمد قريشي دمائي قدس سره، سائين سلطان الاولياء قدس سره جن جي خاص خليفن مان هئا. سندن دستخطي شجري موجب سندن سلسلئہ نسب قريش قبيلي جي مشهور شاخ "بنوهاشم" سان وڃي ملي ٿو. درگاهہ لُواري شريف جي تاريخ ۾ لُواري شريف جي فيض کي جهڙي طرح حضرت خواجہ قاضي احمد

قريشي ۽ سندن گادي نشينن ڦهلايو ۽ پکيڙيو آهي، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. درگاهہ خواجہ قاضي احمد قريشي جو هر هڪ گادي نشين درگاهہ عاليہ لُواري شريف جو پنهنجي پنهنجي دور ۾ وڏو خليفو يعني خليفہ اعظم جي لقب سان سڏيو ويو آهي. ساڳي طرح پير بادشاهہ خواجہ گل حسن قدس سره جن جي مڙني مريدن ۾ حضرت پير حاجي فيض محمد قريشي جن خاص خليفا ۽ جماعت لُواري شريف جا صدر مقرر ٿيل هئا.
حضرت پير بادشاهہ جي وصيت موجب سال 1982ع کان پاڻ درگاهہ عاليہ لُواري شريف جي سنيال ۽ جماعت لُواري شريف جي روحاني رهبري ۽ رهنمائي احسن طريقي سان سرانجام ڏنائون. پاڻ هميشہ سائين سلطان الاولياء قدس سره جي تعليمات کي عام ڪرڻ جي جدوجهد ڪندا رهيا. سندن دعا ۽ فيض جا دروازا هميشہ عوام الناس لاءِ کليل رهيا.

حضرت راحمي بادشاهہ قدس سره جن 68 سالن جي ڄمار ۾ 18 جمادي الثاني 1416هہ / 1995ع تي وصال فرمايو. سندن آخري آرامگاهہ درگاهہ عاليہ حضرت قاضي احمد ۾ مشهور زيارتگاهہ آهي. سندن وصال مبارڪ تي علامہ مولانا ڪوڪب نوراني قطعہ تاريخ چيا آهن، جن مان ڪجهہ هي آهن:

'عزّ و شان فيض محمد' = 1416هہ
'آب و تاب خانقاه لُواري' = 1416هہ

(9)

حضرت قبلا پير محمد صادق قريشي مدظلہ العالي موجوده سجاده نشين

حضرت راحمي بادشاهہ قدس سره جن جي وصال مبارڪ بعد سندن وصيت موجب حضرت قبلا پير محمد

صادق قريشي مدظلهٗ العالي جن 16 سالن جي عمر ۾ سال 1995ع کان درگاهه عاليه لُواري شريف ۽ درگاهه عاليه حضرت قاضي احمد قريشي دمائي جن جا سجاده نشين مقرر ٿيا ۽ ان وقت کان وٺي ٻنهي درگاهن جون ديني، روحاني ۽ سماجي ذميواريون احسن طريقي سان سرانجام ڏيندا رهن ٿا. سندن ولادت 24 رجب 1399هه مطابق 20 جون 1979ع تي ٿي. سندن ولادت تي حضرت پير بادشاهه خواجه گل حسن قدس سره جن نه رڳو پاڻ خوشي جو اظهار ڪيائون، بلڪ سندن نالو مبارڪ "پير محمد صادق" رکڻ فرمايائون. پاڻ پنهنجي ابتدائي ديني ۽ طريقتي تعليم پنهنجي والد سڳوري کان ورتائون، ظاهري تعليم قاضي احمد ۽ اسلام آباد جي مکيه ادارن مان حاصل ڪيائون. هر وقت درگاهه عاليه لُواري شريف جي فڪر کي عام ڪرڻ ۽ جماعت لُواري شريف جي رهبري ۽ رهنمائي ڪندا رهن ٿا ۽ شروع کان وٺي جماعت جي تعليم ۽ ترقي جا خواهان رهيا آهن. اُن سلسلي ۾ جماعت اندر سندن حڪم موجب نشات ڪوچنگ سينٽر، نشات اڪيڊمي ۽ نشات ڪميونٽي سينٽر وغيره جو قيام عمل ۾ اچي چڪو آهي. سندن دور ۾ "لُواريات" جي سلسلي ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا آهن جن ۾ خاص طور تي (1) پيربادشاهه لُواري شريف، اردو، سال 1995ع (2) آئينه نشات گرلس ونگ، سنڌي، سال 1995ع (3) مجله، اردو، سال 1995ع (4) راحمي بادشاهه لُواري شريف، اردو، سال 1996ع (5) پهلا سالانه عرس مبارڪ راحمي بادشاهه ، اردو، سال 1996ع (6) راحمي بادشاهه لُواري شريف جلد پهريون، سال 1996ع (7) پير بادشاهه لُواري شريف، جلد چوڏهون، سال 1996ع (8) لُواريءَ جا لال (ٽيون ايڊيشن) سال 1996ع (9) لطيفة التحقيق، اردو، سال 1996ع (10) پير بادشاهه لُواري شريف، جلد پندرهون، سال 1997ع (11) راحمي بادشاهه

لُواري شريف، جلد پهريون، سال 1997ع (12) پير بادشاهه لُواري شريف، جلد سورهون، سال 1998ع (13) راحمي بادشاهه جلد ٽيون، سال 1998ع (14) پير بادشاهه لُواري شريف، جلد سترهون، سال 1999ع (15) راحمي بادشاهه لُواري شريف جلد چوٿون، سال 1999ع (16) پير بادشاهه لُواري شريف، جلد ارڙهون، سال 2000ع (17) امام الاولياء لُواري شريف، سال 2000ع (18) قصائد شريف (ٽيون ايڊيشن) سال 2001ع (19) آئينه نشات جلد پهريون، سال 2001ع (20) فردوس العارفين، اردو، سال 2002ع (21) صقال الضمائر (ٻيو ايڊيشن)، سال 2003ع (22) پارس (ٻيو ايڊيشن) سال 2004ع (23) آئينه اولياء لُواري شريف، اردو، (ٻيو ايڊيشن)، سال 2006ع (24) ملفوظات بزرگانِ لُواري شريف، سال 2004ع (25) ماهوار رساله اظهارِ حقيقت، جا پنج پرچا (26) ٽماهي پيغامِ لُواريه جا 33 پرچا وغيره. ان کان علاوه پاڻ فلاحي ڪمن سان پڻ خاص دلچسپي رکن ٿا. جن ۾ خاص طور تي حضرت سلطان الاولياء فائونڊيشن، پير گل حسن شاهه ٽرسٽ، نشات ويلفيئر آرگنائيزيشن وغيره جهڙا ادارا نه رڳو ملڪي پر بين الاقوامي سطح تي به قومي خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. هنن ادارن طرفان مختلف وقتن تي طبي ڪيمپون، ٻوڏ ۽ هنگامي صورتحال ۾ رليف ڪيمپون، غريب، يتيم ۽ بي سهارا ماڻهن لاءِ گهرن جي تعمير، يتيم ۽ مسڪين شاگردن لاءِ اسڪالرشپون وغيره مهيا ڪيون وڃن ٿيون.

حضرت جن جي دوستي ۽ تعلقات جو حلقو تمام وسيع آهي ۽ سندن خدمت ۾ هر وقت دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ملڪي توڙي غير ملڪي ماڻهن جي اچ وڃ ۽ ميل ملاقات ٿيندي رهي ٿي. لُواريءَ جي لالن جي مهمان نوازي جڳ مشهور آهي، جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا گهٽتائي نه آهي، بلڪ

اڄ ڪلهه جي دور مطابق اُجا وڏيڪ مثالي حيثيت رکي ٿي.
جن بہ هڪ دفعو ساڻن ملاقات جو شرف حاصل ڪيو هوندو تہ
اهو سڄي عمر سندن دانائي، دوراندیشي، مهمان نوازي جا ڳڻ
ڳائيندو رهندو.

حضرت قبلہ پير محمد صادق قريشي دائم برڪاتہٗ جن
جو وجود مسعود هن دور ۾ انسان ذات لاءِ وڏي سعادت آهي.
سندن تعليمات ۽ سندن فلاحي ڪمن جو هر ماڻهو معترف
رهي ٿو. سندن فرمان آهي تہ "هر وقت ۽ هر حال ۾ الله تبارڪ
وتعاليٰ کي، اسان جي پياري نبي ڪريم حضرت محمد ﷺ
۽ مرشد ڪريم سائين سلطان الاولياء قدس سرہ ۽ سندن
جانشينن جي فرمان پاڪن موجب ياد رکڻو آهي ۽ ان ئي ذات
پاڪ جو ذڪر ڪرڻو آهي. ان سان گڏ دنياوي ترقيءَ لاءِ بہ
جدوجهد ڪرڻ لازمي آهي تہ جيئن دنيا سان ڪلهو ڪلهي
۾ ملائي هلي سگهجي."

اڄ جماعت لُواري شريف انهن سونهري اصولن تي عمل
ڪندي اڳتي وڌي رهي آهي.

ماخذ:

(1) لطيفة التحقيق: سيد رفيق علي شاهہ پشنگي
(2) تحفة الڪرام: مير علي شير قانع
(3) فردوس العارفين: مير بلوچ خان ٽالپر
(4) لُواريءَ جا لال: ڊاڪٽر گربخشاڻي
(5) ابيات سنڌي: ڊاڪٽر ع - م دائود پوٽو
(6) اُهي ڏينهن اُهي شينهن: پير علي محمد راشدي
(7) لُواريءَ جا لال (ياڱو بيو): محمد پناهہ ڦرڙو
(8) جنين ڏٺو پرينءَ کي: جوڻيجو سائين بخش قبولائي
(9) سڄڻ ڏٺو جن: جوڻيجو سائين بخش قبولائي (ٽي جلد)
(10) معارفِ سلطان الاولياء: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو

اقوال مبارڪ

"مرشدي حق جي نائبي آهي، جو شخص ڏٺيءَ ڏِٺي پنهنجو خليفو ڪيو آهي، سو ئي سچو شيخ يا پير آهي، ڪوڙين مان ڪو قليل انهيءَ مرتبي تي رسي ٿو، باقي ٻيا جي پيريءَ مرشديءَ جو دم هڻن ٿا، سي سَڏَڙيا آهن.

نہ هرڪہ سر بتراشد قلندري داند

سچو پير اُهو آهي، جو فنا ۾ غرق رهي ٿو. اُن جو ڪلام دوا آهي، ان جي نظر شِفا آهي. هڪ نگاهہ سان مئل دل کي بقا بخشي ٿو. باقي اُهي سَڏَڙيا جي دل جي جوش ۽ خروش وچان يا مجازي عشق جي موج منجهان پاڻ کي پير سڏائي، ماڻهن کي دعوت ڏين ٿا، سي صرف پنهنجي نفس جو شڪار بنجن ٿا.

[حضرت سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان قدس سرہ]

هي (نقشبندي) اُهي بزرگ آهن جن جي طالبن جي تربيت هنن جي صحبت عاليہ تي رکيل آهي ۽ ناقصن جي تڪميل هنن جي توجه سان جُڙيل آهي. سندن مبارڪ نظر قلبي مريضن لاءِ شِفا آهي ۽ سندن باطني توجه باطني بيمارين جو علاج آهي. سندن هڪ نگاهہ سوين چلن جو ڪم ڪري ٿي ۽ سندن هڪ توجه سالن جي محنت ۽ مجاهدن جي برابر آهي. هنن بزرگن جو (رُشد ۽ هدايت) جو طريقو هوبهو اُهو آهي، جيڪو اصحابن سڳورن جو طريقو هو ۽ اهوئي انتها کي ابتدا ۾ داخل ڪرڻ وارو اثر آهي، جيڪو حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي صحبت مان حاصل ٿيندو هو. ڇاڪاڻ تہ سرورِ عالم ﷺ جي پهرين صحبت ۾ ئي اهو سڀ ڪجھ ملي ويندو هو، جيڪو ٻين کي اِنتها ۾ بہ مشڪل سان حاصل ٿي سگهيو. هي اُهي فيض ۽ برڪتون آهن، جيڪي پهرين زماني ۾ ظاهر ٿينديون هيون.

[حضرت امام الاولياء خواجہ محمد سعيد مڪي قدس سرہ]

تواريخ سجاده نشين درگاه عاليه لواري شريف

نمبر	اسم مبارك	لقب مبارك	ولادت مبارك	وصال مبارك	مزار مبارك
	خواجہ محمد ٹلوي و مكي قدس سره	ابوالمساكين	....	9 ذوالحج 1149ھ / 1737ع	جنت المعليٰ مکہ مكرمہ
1	خواجہ محمد زمان قدس سره	سلطان الاولياء	21 رمضان المبارك 1125ھ/ 1713ع	4 ذوالقعد 1188ھ / 1775ع	لواري شريف
2	خواجہ گل محمد قدس سره	محبوب الصمد	11 ربيع الاول 1177ھ / 1763ع	27 ربيع الثاني 1218ھ / 1803ع	لواري شريف
3	خواجہ محمد زمان ثاني قدس سره	غوثِ عالم	01 رمضان المبارك 1199ھ / 1785ع	17 صفر المظفر 1247ھ / 1831ع	لواري شريف
4	خواجہ محمد حسن مدني قدس سره	شاه مدني	5 محرم الحرام 1235ھ / 1819ع	07 صفر المظفر 1298ھ / 1881ع	جنت البقيع مدينہ منوره
5	خواجہ محمد سعيد مكي قدس سره	امام الاولياء	4 محرم الحرام 1264ھ / 1847ع	02 محرم الحرام 1324ھ / 1906ع	جنت المعليٰ مکہ مكرمہ
6	خواجہ احمد زمان قدس سره	امام العارفين	16 ذوالحج 1297ھ / 1880ع	01 رجب المرجب 1357ھ / 1938ع	لواري شريف
7	خواجہ گل حسن قدس سره	پير بادشاه	13 شعبان المعظم 1327ھ / 1909ع	27 ذوالقعد 1402ھ / 1982ع	لواري شريف
8	خواجہ پير حاجي فيض محمد قريشي قدس سره	راحمي بادشاه	14 شعبان المعظم 1348ھ / 1930ع	18 جمادي الثاني 1416ھ / 1995ع	قاضي احمد

موجوده سجاده نشين حضرت قبلا پير محمد صادق قريشي مدظلهُ العالي

ليکڪ جا ڇپيل ڪتاب